SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2002

سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No.XIV of 1973

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2002
سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[22 جنوري 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ دفعہ 9 ڪانپوءِ هينئين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of section 9 of Sindh Act No.XIV of 1973

"9_A. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون يا ڪنهن عدالت جي فيصلي جي متضاد نہ هجي، تيستائين هڪ سرڪاري ملازم جنهن پنهنجون ذميواريون نيائڻ دوران ڪو بهادري جو ڪم ڪيو هجي يا پنهنجي ذميواري کان علاوه اضافي ڪارڪردگي ڏيکاري هجي، ان کي آئوٽ آف ٽرن پروموشن يا انعام يا اعزاز ان سلسلي ۾ ڏئي سگهجي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي